# ضميمون ب (B)
# قانون جي مدد سان ماحولياتي حقن لاءِ وڙهڻ




ڪيترن ملڪن ۾ قانونن رستي، انساني حقن ۽ ورلي ماحولياتي حقن (صاف سٿري ۽ صحتمند ماحول) جو بچاءُ ڪيو ويجي ٿو. هن ڪتاب ۾ اهڙين ڪيترين ڳالهين جو ذڪر آهي ته ڪيئن نه ماڻهن گڏيل ڪوشش رستي نوان قانون ٺاهي پنهنجين وسندين جو بچاءُ ڪيو آهي يا اڳ ۾ موجود قانونن هيٺ بچاءَ جي گهر ڪئي آهي.

ڪتاب جي هن حصي ۾ اها معلومات ڏني ويئي آهي ته ڪيئن، ماحول تي پوندڙ اثرن جي جائزي وٺڻ لاءِ (Environmental Impact Assessment/EIA) يا قانون رستي توهان ماحولياتي حق ماڻي سگهو ٿا. ساڳي وقت اها ڄاڻ به ڏئي ويئي آهي ته جڏهن مقامي ۽ قومي ڪورٽون ۽ حڪومتون توهانجو بچاءُ نٿيون ڪن ته بين القوامي مدد ڪيئن حاصل ڪجي.

پنهنجي ماحول ۽ صحت جي بچاءَ لاءِ جاکوڙيندڙ برادرين ۽ راڄن کي عام طور تي وڏين ڪمپنين يا حڪومتن سان جيڪي سندن قدرتي وسيلا حاصل ڪرڻ يا ترقياتي رٿائون هلائڻ چاهين ٿيون مهاڏي اٽڪائڻ سبب مخالفت ۽ تشدد سان منهن ڏيڻو پوي ٿو. ان خيال جي پرواه نه ڪندي ته هو ان رستي ڪيترو نه هاڃو رسائي سگهن ٿا. اهڙين رٿائن سبب ماڻهو پنهنجين زمينن تان دربدر ٿي سگهن ٿا، پيانڪ غلاظت پيدا ڪن ٿا، عوامي صحت ۽ سلامتي داءَ تي لڳائين ٿا يا اهڙا ته زهريلا مادا پيدا ڪن ٿا جيڪي صحت جا سنگين مسئلا پيدا ڪن ٿا. اهي سڀ انساني ۽ ماحولياتي حقن جون ڀڃڪڙيون ٿين ٿيون.

ورلي، وڏين ڪمپنين وٽ ايترو ته پئسو ۽ طاقت ٿئي ٿي جو اهي حڪومتن کي به انهن قانونن جو احترام ڪرڻ يا نافذ ڪرڻ نٿيون ڏين، جن کي توهانجو بچاءُ ڪرڻ گهرجي. جڏهن مقامي ۽ قومي قانون بي اثر ٿي وڃن تڏهن ڪجهه اهڙا بين الاقوامي قانون موجود آهن جيڪي توهانکي ۽ توهانجي برادريءَ کي تحفظ ڏئي سگهن ٿا.

اهو ويچار ته، ماڻهن کي بين القوامي حق حاصل آهن نسبتاً، قانون جو هڪ نئون پهلو آهي تنهنڪري انهن جون وصفون ۽ وضاحتون ته اهي ڪهڙا حق آهن ۽ اهي ڪيئن نافذ ٿين ٿا تن تي اڃان ڪم هلي رهيو آهي. انهن سان ماحولياتي حقن حاصل ڪرڻ جي هر قانوني ويڙهه ۽ جستجو تمام اهم ٿي ويجي ٿي.

# انوائرنمينٽ اِمپيڪٽ اسسمينٽ

جيئن تہ ڪارخانن، صنعتن ۽ ترقياتي رٿائن تمام گهڻي ماحولياتي تباهي ڪئي آهي تنهنڪري ڪيترين حڪومتن، صنعتن ۽ ترقياتي ادارن لاءِ قانونن پٽاندڙ ضروري ٿي پيو آهي تہ اهي پنهنجين رٿائن شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ انهن جي، **ماحول تي پوندڙن اثرن جي ڇنڊڇاڻ** ڪن. اهڙيءَ هڪ گڏيل فيصلاسازيءَ ۽ رٿائي پئماني/ ڪسوٽيءَ کي انوائرنمينٽ اِمپيڪٽ اسسمينٽ يا اِي آءِ آءِ سڏجي ٿو.

اِي آءِ آءِ هيٺ واضح ڪيو ويجي ٿو تہ ڪا بہ رٿا جهڙوڪ: ڪو روڊ ناهڻ، ڪاٺيون ڪوٽڻ، هوائي اڏا ناهڻ يا ڪنهن صنعتي ترقيءَ جو ان علائقي جي انسانن، جانورن، زمين، پاڻيءَ ۽ هوائي معيار تي ڪهڙو اثر پوندو تہ سماجي مسئلن جهڙوڪ: ماڻهن جي دربدر ٿيڻ ۽ ثقافتي وسيلن جي زيان ٿيڻ مثلاً: پيٽ گذر جي رسمي ذريعن، تاريخي يا مذهبي اهميت وارن ماڳن وغيره ڏانهن بہ ڌيان ڏرڻو پوندو. اِي آءِ آءِ لاءِ اهو بہ ضروري ٿئي ٿو تہ جيڪڏهن اهڙي رٿ جاري رکڻي آهي تہ ان لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هاڃيڪار طريقا ڳولهيا وڃن ڳوليا.

ماحول تي پوندڙن اثرن جي ڇنڊڇاڻ جو ڪم ڪا ڪمپني پنهنجي ليکي تہ برادرين ۽ سرڪاري آفيسرن سان گڏجي بہ ڪري سگهي ٿي (انلاءِ ٻن برادرين اِي آءِ آءِ ۾ ڪيئن بهرو ورتو انهن ڳالهين لاءِ ڏسو ص. 466 ۽ 561). جڏهن تہ اهڙو فيصلو ڪرڻ سرڪار جي ذميواري ٿئي ٿي جيڪڏهن اها رٿا شروع ڪرڻ چاهي ٿي.

## اِي آءِ آءِ ڪيئن ڪم ڪري ٿي

آي آءِ آءِ جون بنيادي طور تي بہ سرگرميون هجڻ گهرجن:

1. رٿائن جي پيدا ٿيندڙ اثرن ۽ تاثيرن جو اڀياس ڪرڻ ۽ اهي لکت ۾ واضح ڪرڻ. عام طور تي اها رٿا سنڀاليندڙ ڪمپنيءَ جي ذميواري ٿئي ٿي جنهن لاءِ چاهي يا نہ چاهي تہ برادريءَ کي شامل ڪري سگهي ٿي.
2. عوامي گڏجاڻيون ڪري متاثر ٿيل برادرين کي، اهڙي رٿا شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ انهن جي تڪ تور ڪرڻ.

اِي آءِ آءِ تڏهن ئي بهتر ڪم ڪري سگهي ٿي جڏهن اها احتياطي اصول جي روشني ۾ ڪئي وڃي (ڏسو ص. 32). جيڪڏهن اِي آءِ آءِ، ان رٿا مان هاڃو ظاهر ڪري ٿي تہ اهڙي رٿا بند يا تبديل ڪرڻ گهرجي. جڏهن تہ عام طور تي اِي آءِ آءِ رستي ان کي هاڃيڪار نہ هوندڙ طور پيش ڪيو ويجي ٿو جڏهن تہ ان مان ماڻهن ۽ ماحول کي نہ رڳو موجوده وقت ۾ پر آئيندي لاءِ بہ ڳنڀير هاڃو رسي ٿو. ورلي، برادرين لاءِ ڪنهن يونيورسٽيءَ يا ڪنهن تنظيم کي ڪرايل اِي آءِ آءِ ۽ ان جي پيدا ٿيندڙن اثرن جي وضاحت ڪري ٻڌائڻ سان بہ مدد ٿئي ٿي.

ڪيترين ڪمپنيون، برادرين کي شامل ڪرڻ کانسواءِ ئي اي آءِ آءِ رپورٽ لکي ڇڏين ٿيون. ورلي، ڪمپنيون، اي آءِ آءِ بابت ٿيندڙ گڏجاڻين جي تشهير ئي نٿيون ڪن يا اهڙي طرح ڪن ٿيون جو ماڻهن لاءِ شامل ٿيڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو. جڏهن ڪنهن ڪمپنيءَ يا حڪومت پاران اهڙي اي آءِ آءِ نامناسب طريقي سان هڙ دنبڙ ۾ ڪرائي وڃي ٿي تڏهن عام طور تي هڪ پاسي کان ڪمپني اهڙو ڪم شروع ڪرائي ڇڏي ٿي تہ ٻئي پاسي کان برادريون ان کي بند ڪرائڻ لاءِ مهم شروع ڪن ٿيون. بهرحال، هر حالت ۾ برادرين ۽ حڪومت لاءِ اِي آءِ آءِ ڪرائڻ هڪ اهم ڪسوٽي ٿئي ٿي، جنهن رستي ترقياتي رٿائن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري منجهن واڌارا سڌارا ڪري سگهجن ٿا.



## برادريون ۽ راڄ اِي آءِ اَي تي ڪيئن اثرانداز ٿي سگهن ٿا



مختلف وسيلن ۽ طريقن سان وڌ ۾ وڌ معلومات ح ڪرڻ (رڳو لاڳاپيل ڪمپنيءَ کان نہ) ۽ ايترو وقت ڪڍي سيڻي پيدا ٿيندڙن امڪاني اثرن بابت مختلف پهلوئن کان سوچڻ ۽ سمجهڻ اهڙا اهم نڪتا آهن جن هيٺ توهان پنهنجو حق استعمال ڪندي اِي آءِ اَي ميٽنگ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. جڏهن تہ عام طور تي ڪيترا فيصلا اڳ ۾ ئي ڪيا وڃن ٿا جنهن سبب وڌ ۾ وڌ متاثر ماڻهن جو ڳالهہ ئي ٻڌي نہ ٿي وڃي.

اِي آءِ اَي جي ڪنهن عمل ۾ شامل ٿيڻ سان توهان پنهنجيءَ برادريءَ کي اهو سيکاري ۽ منظم ڪري سگهو ٿا تہ اها پنهنجي صحت ۽ وسيلن جو هڪ ڊگهي مدي کان تحفظ ڪري سگهي ٿي. جيتوڻيڪ سدائير ممڪن ٿي نٿو سگهي تہ ڪنهن هاڃيڪار رٿا کي بند ڪرائي سگهجي جڏهن تہ اِي آءِ اَي جي پسمنظر ۾ ماڻهن کي تعليم ڏئي ۽ منظم ڪري پنهنجي وسندي بچائي سگهو ٿا.

### شامل ٿيڻ لاءِ چوڻ

برادريون چاهين تہ اِي آءِ اَي ۾ پنهنجي راءِ ڏيڻ/ ڳالهہ ڪرڻ جي گُهر ڪري سگهن ٿيون. ورلي، ڪا ڪورٽ، حڪومت يا ترقياتي ادارو برادريءَ جي ڪنهن نمائندي کي اِي آءِ اَي جي عمل ۾ شامل ٿيڻ جي اجازت ڏئي ٿو. برادريءَ جا ماڻهو اي آءِ اَي ۾ شامل ٿي سگهن ٿا يا پنهنجي رفيق تنظيم جهڙوڪ ڪنهن اين جي او يا وڪيل کي پنهنجي نمائندي طور شريڪ ٿيڻ لاءِ چئي سگهن ٿا. جيڪڏهن برادريءَ جا نمائندا اِي آءِ اَي جي عمل ۾ حصو وٺن تہ موٽ ۾ اهي ڪمپنيءَ جي فيصلن ۽ ڪمن کان برادرين کي گڏجاڻين رستي آگاهہ ڪري سگهن ٿا. شموليت ڪرڻ سان برادريءَ جي حقن ۽ ذميوارين کي سمجهڻ ۾ مدد ملي ٿي، رٿا سبب پيدا ٿيندڙ هاڃن کان بچڻ جا رستا لهي سگهجن ٿا يا مورڳو اهڙي رٿا کي ئي روڪرائي سگهجي ٿو.

### اِي آءِ اَي جي مڪمل رپورٽ حاصل ڪرڻ

برادرين کي، اي آءِ اَي جي مڪمل رپورٽ/ دستاويز ڏسڻ ۽ پڙهڻ جو حق حاصل ٿئي ٿو ۽ نہ ڪي ان جي تت/ اختصار يا رڳو ڪنهن حصي ڏسڻ جو. ڪنهن بہ اي آءِ اَي رپورٽ جا عام طور تي، سلامتيءَ کي خطرا (security risks)، سماجي خطرا (social risks)، صحتي خطرا (health risks) ۽ صفائيءَ تي ايندڙ خرچ (clean up cost) ان جا حصا ٿين ٿا. جن ۾ انهن مسئلن جو ذڪر ٿئي ٿو جيڪي ڪمپني خاص طور تي عوامي گڏجاڻين ۾ ٻڌائڻ نٿي چاهي. برادريون اي آءِ اي ۾ اهڙن ڪتل مسئلن ۽ معاملن جي نشاندهي ڪري سگهن ٿيون.

جن مسئلن جو اي آءِ اَي ۾ ذڪر ڪيل آهي يا جنکي اي آءِ اَي پاران نظرانداز ڪيو ويو آهي، تن بابت ميڊيا، سرڪاري آفيسرن ۽ عام ماڻهن کي آگاهہ ڪري، هاڃيڪار رٿائن لاءِ هڪ وسيع مزاحمت پيدا ڪري سگهجي ٿي. اهي قومي ۽ بين الاقوامي ادارن جهڙوڪ: اقوامِ متحده سان بہ ونڊي سگهجن ٿا جيڪي موٽ ۾ ڪمپنين ۽ حڪومتن تي ماڻهن جي پريشانين ختم ڪرڻ لاءِ دباءُ وجهي سگهن ٿا.

## راڄ، ڪاٽين ڪوٽڻ لاءِ مزاحمت ڪن ٿا

جُونن جي هڪ ننڍي آبادگار برادري، هڪ خوبصورت علائقي ۾ ڪڪرائين ٻيلي سان ڍڪيل اِڪوئيڊر جي آنديس جبل جي لهوارين سان آباد آهي. جيتوڻيڪ هتان جا سڀ رهواسي غريب آهن تنهن هوندي به زمين مان ڪيترن سوين سالن کان ٿي پنهنجو پيٽ پاليندا رهيا آهن. ويجهڙ ۾ جونن جي رهواسين ڪي هڪ اهڙي جبل جيڏي مسئلي سان منهن ڏيڻو پيو جنهن جو هنن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن تصور به نه ڪيو هو. اهو هيو سندن علائقي ۾ هڪ ڪمپنيءَ پاران ڌڪڻ آمريڪا جون، ٽامي جون وڏي ۾ وڏيون کليل ڪاٽيون کوٽڻ.

جڏهن هڪ جپاني ڪمپني اتي اچي علائقي جي کوٽائي جي شروع ڪئي ته جونن جي ماڻهن اهو ئي سمجهيو ته، ڪاٽين جي کوٽائيءَ سان غلاظت جو دور شروع ٿيندو. پر کاڻ کوٽيندڙ ڪمپنيءَ ساڻن واعدو ڪيو ته هو اتي روڊ ٺاهيندا، اسپتالون کوليندا ۽ اسڪول هلائيندا. جنهن تي جونن جي ماڻهن کين معدنيات کوٽڻ جي اجازت ڏني. گهڻو وقت نه گذريو ته ڪمپنيءَ کي اتي ٽامي جا وڏي ۾ وڏا ذخيرا هٿ آيا ۽ ستت ئي پوءِ جونن جي رهواسين ڏٺو ته، ڪاٽين جي گند ڪچري سبب سندن پاڻي غليظ ٿي ويو آهي. ماڻهن ۾ جلد ئي چمڙيءَ جي بيمارين سميت صحت جا اڪيچار مسئلا پيدا ٿي پيا.

برادريءَ، کاڻ ڪمپنيءَ کي غلاظت روڪڻ لاءِ چيو پر هنن اها بند نه ڪئي ته جونن پنهنجو ڪم ڏيکاريو. جڏهن ڪاٽيا موڪل تي ويل هئا ته هزارين ڳوناڻن کاڻ ڪئمپن ۾ داخل ٿي سندن اوزار، فرنيچر ۽ ڪيترو ئي قيمتي سامان ڪٺي وڃي سرڪار وٽ جمع ڪرايو. پوءِ هنن سڄيءَ ڪئمپ کي تيلي ڏيئي ڇڏي. جڏهن ڪمپنيءَ کي اها خبر پئي ته اها ڪئمپ ڇڏي ويئي ۽ ڪجهه وقت کانپوءِ ڪئمپ ڪئناڊا جي هڪ ڪمپنيءَ کي وڪڻي ڇڏي.




ڪئناڊا جي ڪمپنيءَ چالاڪي ڪري برادريءَ ۾ ڦوٽ وجهي ڇڏي. هنن جونن جي ماڻهن کي زمين وڪڻڻ لاءِ تمام گهڻا پئسا آڇيا. ڪن ماڻهن زمين وڪڻي ڇڏي ته ڪيترن انڪار ڪيو. ڪمپنيءَ کي اها چاڻ هئي ته ايئن ڪرڻ سان هو پاڻ ۾ وڙهندا. ساڳي وقت ڪمپنيءَ هڪ ڊاڪٽر به رکيو ته جيئن بيمارن جو علاج ڪري سگهجي. پر اهو به رڳو انهن لاءِ جن دستاويز تي صحيح ڪئي ته هو کاڻ کوٽجڻ جي حق ۾ آهن. جڏهن اڪوئيڊر کان ٻاهر ان بيداد جي خبر پهتي ته بين الاقوامي سهائتڪن پنهنجا هيلٿ ورڪر روانا ڪيا ته جيئن هر بيمار ٿيندڙ ماڻهوءَ جو علاج به ٿي سگهي.

جيئن ته اڪوئيڊر جي قانون مطابق اتي ڪنهن به رٿا شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ اي آءِ اَي ڪرائڻي آهي ان سبب جُونن جي رهواسين، پنهنجي زمين بچائڻ لاءِ اِي آءِ اَي کي پنهنجيءَ رٿا جو هڪ حصو بڻايو. ڳوناڻن کي اها به خبر هئي ته جيڪڏهن اي آءِ اَي ايمانداريءَ سان نٿي ڪئي وڃي ته سرڪار به کاڻ جي کوٽائي ڪرڻ نه ڏيندي. ڇاڪاڻ ته، ايمانداريءَ سان ڪيل اِي آءِ اَي مان ظاهر ٿي پوندو ته ٽامي جي کوٽائي سبب ماڻهن کي لڏڻ لاءِ مجبور ٿيڻو پوندو، هوا جي غلاظت ٿيندي، زمين جي ڪاٽ ٿيندي ۽ واهڙن ۾ لٽ گڏ ٿيندو، گندين ڪسين، ڳورن ڌاتن ۽ زهريلي غلاظتن سبب پاڻي ڪنو ٿي ويندو (هلندڙ).



(پوئين صفحي کان هلندڙ)

جونن جي رهواسين کي قانون رستي پنهنجا فائدا حاصل ڪرڻ جي چاڻ هئي. ڪمپنيءَ جي دعويٰ ڪانپوءِ تہ هن اِي آءِ اَي مڪمل ڪئي آهي سرڪار ان کي اٽپورو چئي رد ڪري ڇڏيو.

جونن جي ماڻهن ان سلسلي ۾ ڪي سڌا قدم بہ کنيا جهڙوڪ روڊ رستا بند ڪري ڪمپنيءَ کي علائقي ۾ گهڙڻ نہ ڏنو. راڄن ۽ برادرين سڄيءَ ميوسپالٽيءَ کي ڪاٽيون نہ ڪوتجندڙ حد قرار ڏنو. ايئن جونن جي رهواسين مختلف طريقا استعمال ڪري پنهنجن گهرن، مالامال ٻيلن ۽ پاڻيءَ جي ذريعن کي ٿامي جي ڪاٽين جي زهر ۽ تباهيءَ کان بچايو.

## برادرين جي بنياد تي ٿيندڙ اِي آءِ اَي

برادرين جي بنياد تي ٿيندڙ اِي آءِ اَي ڳوٺن، وستين، شهرن يا علائقي جي ماڻهن ۾ قدرتي وسيلن جهڙوڪ: هوا، ڪاٺيءَ، پاڻي، جانورن، ٻيلن جي مال، جڙين ٻوٽين، مقدس ماڳن وغيره جي استعمال ۽ بچاءَ لاءِ گڏيل طريقا اختيار ڪرڻ لاءِ منجهن گڏيل سوچ پيدا ڪري سگهي ٿي. ايئن ڪرڻ سان برادرين ۾ وسيلن جي استعمال بابت، جهيڙن جهٽن نبيرڻ ۽ غلط فهمين دور ڪرڻ جو هڪ ماحول پيدا ٿئي ٿو تہ منجهن ٻڌي بہ پيدا ٿئي ٿي جيڪا ڪمپنين ۽ حڪومتن کي تاڌڻ لاءِ ڳهربل ٿئي ٿي. ساڳي وقت ماڻهن کي متحرڪ ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي تہ جيئن انهن صنعتن جي مخالفت ڪري سگهجي جيڪي ماڻهن کي ويڙهائڻ جو فائدو وٺندي سندن پاڻي، عمارتي ڪاٺ، زمين ۽ اهڙن ٻين وسيلن جو فائدو حاصل ڪن ٿيون.

برادريءَ جي بنياد تي ٿيندڙ اِي آءِ اَي ننڍڙن، سادن ڪمن ۽ ڳالهين تي بحث ڪري سگهي ٿي تہ راڄ ڪهڙي قسم جا وسيلا استعمال ڪري ٿو ۽ ان جي بهترين طرح سان بچاءَ ڪرڻ لاءِ ناهہ ڪري ان کي ناجائز استعمال ٿيڻ کان بچائي سگهي ٿي. جڏهن تہ وڏن ۽ پيچيده ڪمن لاءِ تفصيلي نقشا ناهڻ، سروي/ پئمائشون ڪرڻ، ويجهين برادرين ۽ سهائتا ڪندڙ تنظيمن سان لاڳاپا قائم ڪرڻ ٿي سگهن ٿا.

برادرين جي بنياد تي ٿيندڙ اِي آءِ اَي، ڪمپنين ۽ حڪومتن پاران ڪرائيندڙ اِي آءِ اي کان مختلف ٿين ٿيون. جو ضروري نٿو ٿئي تہ اهي "سرڪاري" اِي آءِ اَي جون قانوني گهرجون پوريون ڪندڙ هجن. چو تہ، انهن جي وڏيڪ ترجيح قدرتي وسيلن بچاءَ راڄن جي سوچ، ماڻهن جي صحت ۽ ثقافت سان ٿئي ٿي. برادرين جي بنياد تي هلندڙ اِي آءِ اَي اهو بہ سمجهي ٿي تہ اِي آءِ اَي ۾ ڏنل خاڪوءِ "سائنسي" ٻولي نہ رڳو ڪيترن ماڻهن لاءِ سمجهڻ ۾ منجهائيندڙ آهي پر جاڻي واڻي اهڙي لکي ويئي آهي تہ جيئن گهڻا ماڻهو اها سمجهي ئي نہ سگهن. برادريءَ جي بنيادن تي ٿيندڙ اِي آءِ اَي، جو هڪ طريقو اهو بہ آهي تہ "ماحول جو ڪنهن بہ طريقي سان تجزيو ڪري سگهڻ ممڪن آهي".

هن ڪتاب ۾ ڏنل اهڙيون ڪيتريون مشقون جهڙوڪ نقشا ڪيڻ (ص. 15)، سماجي ناٽڪ ڪرڻ (ص. 18) صحت بابت سروي ڪرڻ (ڏسو ص. 500)، تراين جي بچاءَ ڪرڻ جون سرگرميون (ص. 164)، گند ڪچري وارا هنڌ گهمي ڏسڻ (ص. 391) يا اهڙيون ٻيون برادريءَ پاران تيار ڪيل سرگرميون برادريءَ جي بنياد تي ٿيندڙ اِي آءِ اَي جو هڪ حصو ٿي سگهن ٿيون.




## قانوني دعوائون

ماحولياتي حقن ۾ انصاف حاصل ڪرڻ جو هڪ طريقو اهڙين ڪمپنين خلاف جيڪي قومي يا بين الاقوامي قانونن جي ڀڃڪڙي ڪن ٿيون ڪورٽ ۾ دعويٰ داخل ڪرڻ ٿئي ٿي. اهڙيءَ ڪامياب دعويٰ رستي نه رڳو غلاظت ڪندڙ ڪمپنيءَ يا ڪارخاني کان سنئون سڌو متاثر ٿيندڙ ماڻهن ته بين هنڌن جي ماڻهن ۽ ايندڙ نسلن کي به بچائي سگهجي ٿو.

### ڇا ڪيس داخل ڪرڻ سان توهانجي راڄ کي فائدو پهچ

اهڙين ڪيترن ڪوشش ۾ قانوني دعوائن رستي ماحولياتي ڪيو ويو آهي. جڏهن ته اهڙيون دعوائون گهڻيون مهانگيون ۽ ء جي اڪلائڻ ۾ ڪيترائي سال لڳي وڃن ٿا. جيڪڏهن اهڙ اهڙيءَ ڪمپنيءَ خلاف آهي جيڪا توهانجي ملڪ کان ٻاهر ... القوامي تنظيمون رضاڪار وڪيلن ڳولهڻ ۾ توهانجي مدد ڪري سگهن ٿيون (ڏسو ذريعا).

ڪنهن ملڪ وٽ صحت ۽ ماحول جي بچاءَ جا قانون هوندي به ڪنهن ڪورٽ ۾ اهڙو ڪيس کٽڻ گهڻو ڏکيو ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن اهڙن قانونن جو عام طور تي استعمال نه ڪبو رهجي ته ججن ۽ وڪيلن کي به انهن جي ڄاڻ پئجي نه ٿي سگهي. ان ڪانسواءِ گهڻن اهڙن ملڪن ۾ جتي خاص طور تي وڏيون ڪمپنيون گهڻيون طاقتور ٿين ٿيون اتي ججن ۽ سياستدانن جي بدعنوان هجڻ سبب غريب راڄن کي پنهنجا حق حاصل ڪرڻ ۾ گهڻي تڪليف ٿئي ٿي. بدقسمتيءَ سان، اهڙين ناڪام دعوائن جو انگ ڪامياب ٿيندڙ دعوائن جي ڀيٽ ۾ گهڻو وڏيڪ آهي.

ڪنهن به ڪمپني، اداري، صنعت يا سرڪار خلاف اهڙي قانوني ڪاروائي شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ هيٺين نقطن تي ويچارڻ گهرجي ته اها ڳالهه توهانجي برادريءَ جي وسيلن لاءِ بهتر ٿي سگهي ٿي:

**پنهنجي مقصدن بابت سوچيو**

توهان لاءِ چٽيءَ طرح سان اهو ڄاڻڻ ضروري ٿئي ٿو ته اهڙي قانوني دعويٰ رستي توهان ڇا حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا. پوءِ سوچي ڏسو ته، ڇا اهڙي مقصد ماڻڻ لاءِ ڪيس ڪرڻ بهتر طريقو ٿي سگهي ٿو. ڇا توهان چاهيو ٿا ته ڪمپني يا سرڪار:

- هاريل تيل يا اهڙي ڪنهن ٻيءَ زهريلي غلاظت جي صفائي ڪري؟
- ماڻهن جي صحت، زمين يا وسيلن کي پهتل نقصان جو هرجاڻو ڀري ڏئي؟
- پنهنجو ڪم بند ڪري اهو علائقو يا ملڪ ڇڏي وڃي؟
- توهان چاهيو ٿا ته شروع ۾ ئي غلاظت پيدا نه ٿئي؟

قانوني جنگ رستي برادريءَ کي معلومات ڏيئي متحرڪ ڪري سگهجي ٿو. جڏهن ته بائيڪاٽن، ڌرڻن، هڙتالن يا عوامي سجاڳيءَ جي مهمن رستي ڳالهيون ٻولهيون ڪري يا سياسي ناهه رستي اهڙا مسئلا جلد حل ڪرائي سگهجن ٿا بجاءِ ڏکي قانوني جنگ وڙهڻ جي. انلاءِ سوچي ڏسو ته توهانجي راڄ لاءِ قانون بجاءِ ٻيو ڪهڙي قسم جو قدم کڻڻ سولو ۽ وڌيڪ اثرائتو ٿي سگهندو. ساڳي وقت ان ڳالهه تي به ويچاري ڏسو ته ڇا قانوني ۽ سنئين سڌي قدم کڻڻ سان اهي توهانجي برادريءَ جي سوڀ حاصل ڪرڻ ۾ مددگار ٿي سگهندا.

### ڇا ڪيس داخل ڪرڻ ڪارائتو ٿيندو پوءِ پلي ته اهو ڪٿي به نه سگهجي؟

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته توهان پنهنجو ڪيس ڪٺڻ چاهيو ٿا. پر جي توهانکي يقين ناهي ته اهو توهان ڪٽي سگهندا تڏهن ان ڳالهه تي سوچ ويچار ڪريو ته ڇا نه ڪٽڻ جي صورت ۾ اهو توهانجي مقصد لاءِ چڱو يا منو ثابت ٿي سگهندو. ڪيس نه ڪٽڻ سان به عام ماڻهن جو برادريءَ جي مسئلن ڏانهن ڌيان ڇڪجي ٿو۽ ماحولياتي مسئلن لاءِ مختلف گروپ مڙي مٺ ٿين ٿا. جيڪڏهن ماحولياتي تباهي ۽ انساني حقن جو ڪيس توهانجي ملڪي ڪورٽن ۾ ڪٽي نٿو سگهجي ته اهو ڪنهن بين الاقوامي اداري جهڙوڪ : انٽر-اميريڪن هيومن رائيٽس ڪميشن يا اقوامِ متحده (ڏسو ص. 567) تائين پهچائي سگهجي ٿو. اهو به ممڪن ٿي سگهي ٿو ته اهڙو ادارو به توهانجو مسئلو حل نه ڪري سگهي. جڏهن ته ان سان توهانجي مسئلن ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڇڪجي ٿو ۽ انلاءِ وڌيڪ وقت ۽ وسيلا گهربل ٿين ٿا.

ورلي، ڪنهن ڪيس ۾ ڪامياب نه ٿيڻ سان مسئلا وڌيڪ ابتر ٿي وڃن ٿا. جنهن سبب جج ۽ وڪيل سوچين ٿا ته مستقبل ۾ به اهڙن ڪيسن ڪي نه ڪٽڻ گهرجي. ناڪاري تشهير سبب ماڻهو سوچين ٿا ته برادري ناجائز طور تي پئسا يا فائدا حاصل ڪرڻ چاهي ٿي ۽ ڪنهن به ناڪام تنظيمي ڪوشش جيان ڪيس نه ڪٽڻ سبب برادري نراس ٿي ورهائجي وڃي ٿي.

### ڪورٽ ۾ ڪير ڪيس / دعويٰ داخل ڪري سگهي ٿو؟

اهڙو متاثر ٿيندڙ پوءِ چاهي اهو ڪو فرد هجي يا فرد جو ڪٽنب يا سڄي برادري، تن لاءِ ضروري ٿئي ٿو ته اهڙي ڪم ڪرڻ لاءِ راضي ۽ ڪيسن جي جوکي کٽڻ لاءِ تيار هجن. عام طور تي ڪا تنظيم ڪنهن به ٻئي پاران جنهن کي اهڙو ڇيهو ته رسيو هجي پر ڪيس جو حصو ٿيڻ نه چاهيندي هجي ڪنهن ڪمپنيءَ خلاف ڪيس ڪري نٿي سگهي.

### ڇا اهڙي پهتل نقصان/ڇيهي جو ڪو ثبوت موجود آهي؟

ڪنهن ڪيس ڪٽڻ لاءِ توهان لاءِ اهو ثابت ڪرڻ ضروري ٿئي ٿو ته:

- اهڙي متاثر فرد کي جسماني يا معاشي هاڃو رسيو هجي
- اهڙو هاڃو ڪمپنيءَ سبب پهتو هجي يا اها ان هاڃي جي ذميوار هجي.

جيڪڏهن اهڙي ڳالهه ثابت ڪري سگهڻ جي معقول ثابتي/ شاهدي موجود ناهي ته اهڙين حالتن ۾ ڪيس ڪٽڻ بجاءِ وڌيڪ ڇيهو رسي سگهي ٿو. اهڙين حالتن ۾ جڏهن اهو پٽ پڌرو به هجي ته ان ڪمپنيءَ قانون جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي، تنهن هوندي به اهڙي ثبوت نه هجڻ سبب ته اهڙو هاڃو رسيو آهي توهانکي ڪورٽ ۾ اهڙو ڪيس داخل ڪرڻ نه ڏنو ويندو پر جي داخل ٿيندو به ته توهان ڪٽي نه سگهندا.

### ڇا اهڙي ثابتي موجود آهي؟

ڪورٽ ۾ رڳو اهڙو ثبوت پيش ڪري سگهجي ٿو جيڪو ڪورٽ لاءِ ڪارائتو ثابت ٿي سگهي. جيڪي ماڻهو ان سبب ڪيس ڪن ٿا ته ڪين ڇيهو رسيو آهي تن لاءِ ضروري ٿئي ٿو ته اهي ڪورٽ ۾ ڳالهائي سگهن، وٽن اهڙا شاهد هجن جيڪي پڻ ڪورٽ ۾ ڳالهائڻ لاءِ تيار هجن. وٽن لاڳاپيل فوٽو اپياس، تحقيق، طبي رڪارڊ يا اهڙو ڪو ٻيو ثبوت هجي جنهن مان ثابت ٿي سگهي ته اهڙو هاڃو ۽ ڇيهو ان ڪمپنيءَ رسايو آهي جنهن تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. ڪنهن پهتل ڇيهي کي ثابت ڪرڻ تمام ڏکيو ٿي سگهي ٿو. مثال طور، هڪ ڪمپني ڪنهن ڊاڪٽر کي في ڏئي ڪانئس اهو چورائي سگهي ٿي ته اهي، اُهي ڪيميائي مادا نه هيا جن سبب پورهيتن کي ڪينسر ٿي آهي پر ان بجاءِ پورهيتن جون پنهنجون بدعادتون هيون، جهڙوڪ: تماڪ ڇڪڻ، غير صحت بخش کاڌا کائڻ يا بدقسمتي جنهن سبب ڪين اهڙو ڇيهو رسيو آهي. قانوني طور تي "ڪارڻ ۽ اثر" کي ثابت ڪرڻ تمام ڏکيو ٿئي ٿو. جيتوڻيڪ اها هڪ سنئين سڌي عام عقل جي ڳالهه سمجهي وڃي ٿي.

### کهڙو يا ڪنهن اهڙو ڇيهو رسايو؟

ماحولياتي تباهيءَ خلاف قانوني ڪاروائي ماڻهن ۽ ڪمپنين سميت دنيا جي گهڻن ملڪن ۾ حڪومتن خلاف به داخل ڪري سگهجي ٿي.

### ڇا اهڙو ڪيس ڪنهن بين الاقوامي ڪمپنيءَ خلاف آهي؟

بين الاقوامي ڪمپنين جون گهڻي ڀاڱي ڪيترن ملڪن ۾ آفيسون ٿين ٿيون. ڪنهن بين الاقوامي ڪمپنيءَ تي دعوىٰ داخل ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري ٿئي ٿو ته اهڙو ڪيس ۾هي ملڪن ۾يعني جتي اهڙو هاڃيو رسايو ويو آهي ۽ جتان جي اها ڪمپني آهي داخل ڪجي. اهو ڪم جيتوڻيڪ مهانگو ۽ ڏکيو ٿئي ٿو پر اثرائتو ثابت ٿئي ٿو (انلاءِ ص. 494 ۽ 522 تي ڏنل ڳالهيون پڙهي ڏسو).




بين الاقوامي ڪمپنين جون انهن ملڪن ۾ به برانچ آفيسون ٿين ٿيون، جتي اهي ڪم ڪنديون رهن ٿيون. اهڙين حالتن ۾ ڏاڙئي ملڪ جي ڪمپني، مالڪ تي ڪيس داخل ڪرڻ بجاءِ ان ڪمپنيءَ جي برانچ آفيس تي دعوىٰ داخل ڪرڻ سولي ٿئي ٿي. مثال طور، جڏهن اميريڪا جي هڪ تيل ڪمپنيءَ شيوران، نائيجيريا جي، نائيجر ڊيلٽا ۾ غلاظت پکيڙي ته اتان جي مقامي سرگرم ڪارڪنن اميريڪن ڪمپنيءَ تي ڪيس ڪرڻ بجاءِ شيوران جي نائيجريا ۾ آفيس تي دعوىٰ داخل ڪئي. ساڳي وقت بين الاقوامي ڪارڪنن به هڪ مهم رستي سڄيءَ دنيا جي ماڻهن کي شيوران پاران ٿيندڙ انساني حقن جي ڀڃڪڙين کان آگاهه ڪري مٿن پنهنجين سرگرمين تبديل ڪرڻ لاءِ دٻاءُ وڌو.

### سوچڻ جوڳا ٻيا نقطا

- ڇا اهڙو ڇيهو يا ناجائز ڪم ويجهڙ ۾ پهچايو ويو آهي؟ اهو به ضروري ٿئي ٿو ته اهڙي ڇيهي يا ناجائز ڪم جو ڪيس چند سالن اندر (عام طور تي ڏهن سالن اندر) داخل ڪيو وڃي. هوند بيمارين بابت اهڙو ڪيس ڪٺڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو جن کي ظاهر ٿيڻ ۾ گهڻا سال لڳي وڃن ٿا. جهڙوڪ ڪينسر جيتوڻيڪ اهي گهڻيون سنگين بيماريون ٿين ٿيون.
- ڇا ماڻهو اهڙي ڪيس ڪرڻ لاءِ، انهن جا شاهد آڻڻ ۽ انهن جا وڪيل پنهنجي سلامتيءَ جو جوکو کڻڻ لاءِ تيار ٿين ٿا؟ گهڻيون حڪومتون ۽ ڪمپنيون پنهنجا اختيار قائم رکڻ لاءِ ڪجهه به ڪري سگهن ٿيون. جنهن ۾ جسماني تشدد ۽ قتل غارت به ٿي سگهي ٿي. جيڪي اهڙين اختيارين کي للڪارين ٿا سي پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي سگهن ٿا.
- ڇا ڪيس تي ايندڙ خرچ / في ڀري سگهجي ٿي؟ ڪورٽ جي في، وڪيل جي في، ملڪ کان ٻاهر سفر جو خرچ، فون جو بل، شاهدين گڏ ڪرڻ ۽ اهڙو ٻيو خرچ هڪدم وڌي وڃي ٿو.
- ڇا توهان ان حالت ۾ آهيو ته، ڪيترن سالن تائين ڪيس وڙهي سگهو؟ جو ممڪن ٿي سگهي ٿو ته ڪيس کي پوري ٿيڻ ۾ 3 کان 10 سال يا اڃان به وڌيڪ وقت لڳي وڃي. ورلي، اهڙي ڪيس جي فيصلي ملڻ کان اڳ ۾ ئي متاثر ماڻهو دنيا ڇڏي وڃن ٿا.

## بين الاقوامي قانوني سرشتو استعمال ڪرڻ




جڏهن قومي قانون، صحت ۽ چڱڀلائيءَ جو بچاءُ ڪري نہ تڏهن ڪا برادري، بين الاقوامي قانونن ۾ ناهن جي روشنيءَ جن جو هن حصي ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي پنهنجين حڪومتن تي دٻاءُ وجهي پنهنجيءَ جدوجهد ڏانهن ڌيان ڇڪائي يا قانوني دعويٰ کي مضبوط ڪري سگهجي ٿو.

ڪيترا ناهہ جن تي حڪومتن جون صحيون ٿيل آهن اقوام متحده جا ميمبر آهن (دنيا جو اٽڪل هر ملڪ) اهي سڀني ماڻهن جي انساني حقن جو تہ انهن مان ڪيتر ماحول جو پڻ بچاءُ ڪندڙ آهن. مثال طور، صفحي 467 تہ ڏنل ڪن زهريلن مادن بابت ناهہ پڙهي ڏسو.

مختلف ملڪن وچ ۾ ٿيل اهڙن ناهن کي ورسي، 'ڪنوينشن' (conventions)، 'ٽريٽيز' (treaties) يا 'ڪووينٽس' (covenants) جي نالن سان بہ سڏجي ٿو ۽ انهن سڀني لفظن جي ساڳي معنيٰ آهي. جڏهن تہ اهي ناهہ رڳو حڪومتن تي ئي لاڳو ڪرائي سگهجن ٿا پر نہ ڪي بين الاقوامي ڪمپنين تي.

ڪيترن ملڪن ۾ بين القوامي ناهہ رڳوا تان جي قومي ڪورٽن ۾ هلي سگهن ٿا جيتوڻيڪ انهن جون ڪي بندشون بہ ٿين ٿيون. بين الاقوامي ناهہ اسانجي قومي مهمن جي سهائتا ڪندڙ ۽ اتساهيندڙ ٿي سگهن ٿا جن رستي انساني حقن ۽ ماحول جو بہ بچاءُ ڪري سگهجي ٿو.

## اقوام متحده جي انساني حقن جا ناهه

انساني حقن جي عالمي ناهه مطابق، انساني حق، هر انسان سان لاڳو ٿين ٿا جن کان ڪير به آجو ٿي نٿو سگهي. اهڙا 9 عالمي انساني ناهه آهن جيڪي انساني حقن جو تحفظ ڪن ٿا جن ۾ انساني صحت ۽ وقار جو حق به آهي. انهن ناهن جي تفصيل لاءِ ته اهي ڪيئن استعمال ڪري سگهجن ٿا اقوام متحده جي ويبسائيٽ www.ohchr.org کولي "هيون رائيٽس باڊيز" (Human rights bodies) تي ڪِلڪ ڪريو.

- انٽرنئشنل ڪووينَنٽ آن سول اينڊ پوليٽيڪل رائيٽس (CCPR)
- انٽرنئشنل ڪووينَنٽ آن اڪانامڪس، سوشل اينڊ ڪلچرل رائيٽس (CESCR)
- انٽرنئشنل ڪنوينشن آن دي اليمينيشن آف آل فارمس آف ريشيئل ڊسڪريمينيشن (CERD)
- ڪنوينشن آن د اليمينيشن آف آل فارمس آف ڊسڪريمينيشن اگينسٽ وومين (CEDAW)
- ڪنوينشن اگينسٽ ٽارچر اينڊ اڍر ڪريوئل، انهيومن آر ڊيگريڊنگ ٽريٽمينٽ آر پنشمينٽ (CAT)
- ڪنوينشن آن د رائيٽس آف د چائيلڊ (CRC)
- انٽرنئشنل ڪنوينشن آن د پروٽيڪشن آف د رائيٽس آف آل مائگرنٽ ورڪرس اينڊ ميمبرس آف ديئر فيمليز (CMW)
- ڪنوينشن آن د رائيٽس آف پرسنس وٿ ڊسئبلٽيز (CRPD)
- انٽرنئشنل ڪنوينشن فار د پروٽيڪشن آف آل پرسنس فرام انفورسڊ ڊسئپيئرنس (CED)

تازو جنهن انساني حقن جي ناهه ۾ ماحول جو ذڪر ڪيو ويو آهي اهو ڪنوينشن آن د رائيٽس آف د چائيلڊ (CRC) آهي جنهن ۾ چيو ويو آهي ته سڀ ٻار محفوظ ۽ صحتمند ماحول هجڻ جا حقدار آهن. (ان معاهدي تي سڀني حڪومتن سواءِ اميريڪا ۽ سوماليا صحيون ڪيون آهن).

سال 2010 ۾ اقوام متحده اهو به اعلان ڪيو ته، پيئڻ لاءِ سني ۽ صاف پاڻي هجڻ سميت صحت صفائي جو هجڻ انساني حق آهي. اهو معاهدو ماحول جي بچاءَ لاءِ انتهائي اهميت وارو ثابت ٿي سگهي ٿو. جيتوڻيڪ ماحوليات کي بذات خود ڪي حق ڪونهن پر جڏهن حڪومتون انسانن جي پاڻي ۽ صحت صفائيءَ جي حقن جي لتاڙ ڪن ٿيون ته اهڙيءَ حالت ۾ انهن جو احتساب ڪري سگهون ٿا.

## جڏهن ڪو ملڪ ڪنهن معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو

جڏهن ڪو ملڪ ڪنهن معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو ته اهڙو ڪو ٻيو ملڪ جنهن اهڙي معاهدي تي صحي ڪئي آهي ان ملڪ خلاف "انٽرنئشنل ڪورٽ آف جسٽس" ۾ ڪيس داخل ڪري سگهي ٿو. جڏهن ته ايئن ورلي ڪو ٿئي ٿو. ان جو ٻيو حل هي ٿي سگهي ٿو ته ڪو به فرد يا فردن جي ٽولي لکت ۾ اهڙي شڪايت اقوام متحده جي ڪميٽي کي ڪري سگهي ٿي ته ان ملڪ ڪنهن مخصوص انساني حقن جهڙوڪ: مٿ ڀيڊ بنا زندگي گذارڻ يا تشدد ڪرڻ ۽ اظهار جي آزادي نه ڏيڻ جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي. ساڳي وقت اها ڳالهه به پڪ ڪرڻ جوڳي ٿئي ٿي ته اهڙو ملڪ پنهنجن ماڻهن کي ڪهڙين حالتن ۾ لکت ۾ شڪايت ڪرڻ جي اجازت ڏئي ٿو. ان بابت وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ اقوام متحده جي انساني حقن جي ويبسائيٽ ڏسو: www2.ohchr.org/English/bodies/petitions/index.htm.

معاهدي تي صحي ڪندڙن حڪومتن لاءِ لازمي ٿئي ٿو ته اهي وقت به وقت پنهنجي ملڪ جي انساني حقن جي صورتحال بابت اقوام متحده جي ڪميٽيءَ کي آگاهه ڪنديون رهن. جڏهن ته حڪومتون پنهنجين رپورٽن ۾ ڪڏهن به انساني حقن جي زيادتين جو ذڪر نه ٿيون ڪن. ان بجاءِ رڳو ايترو ٻڌائين ٿيون ته، "جيتوڻيڪ اهڙا مسئلا موجود آهن پر اهي بهتر ٿي رهيا آهن." تنهنڪري ڪميٽين ۾ اين جي او لاءِ ضروري ٿئي ٿو ته اهي به پنهنجين شيڊو رپورٽن (Shadow Reports) رستي اصل صورتحال کان آگاهي ڏينديون رهن. هر چئن سالن کانپوءِ اين.جي.او پنهنجيون رپورٽون پيش ڪري سگهن ٿيون جيڪي انهن جي ملڪ جي اقوام متحده جي "يونيورسل پيرياڊڪ رويو" (Universal Periodic Review) جو هڪ حصو هجن ٿيون.

اقوام متحده جي ڪميٽي لاءِ اهي رپورٽون ئي اهڙو ذريعو آهن جن رستي ٿيندڙ زيادتين جي سڃاڻپ ڪري سگهن ٿيون جيڪڏهن اهڙيون رپورٽون شايع ڪرائجن ته ان سان سڄي دنيا جو ڌيان ڇڪائي سگهجي ٿو. ڪميٽي، اين.جي.او جي رپورٽن ڏانهن ڪيترو ڌيان ڏئي ٿي ان جو عام طور تي مدار ڪميٽيءَ جي انچارج فرد ۽ عوامي واويلا تي ٿئي ٿو.

## اقوام متحده جا پيا اعلان

اقوام متحده جا پيا فيصلا جيتوڻيڪ سرڪاري معاهدا نٿا ٿين تنهن هوندي به اهي، دنيا جي سڀني ملڪن لاءِ اخلاقي ذميواريون سمجهيو وڃن ٿيون. ڪيترن ملڪن ۾ انهن کي اهميت نٿي ڏني وڃي پر ورلي انهن جي ڳالهه ڪرڻ سان اسانجون ڪوششون سگهاريون ٿي وڃن ٿيون ۽ پنهنجن حقن جي بچاءَ ڪرڻ ۾ مددگار ٿين ٿيون.

- يونائيٽيڊ نئشنس ڊڪلريشن آن د رائيٽس آف انڊيجينيس پيپل (http:/www.ohchr.org/EN/Issues/IPeoples/Pages/decleration.aspx)
- ڊڪلريشن آن د رائيٽس ٽ ڊولپمينٽ (http:/www.ohchr.org/EN/Issues/Development/Pages/DevelopmentIndex.aspx)
- ڊڪلريشن آن د سوشل پروگريس ائنڊ ڊولپمينٽ(http:/www2.ohchr.org/English/law/progress.htmn)
- ڊبلن اسٽيٽمينٽ آن واٽر ائنڊ سسٽينئبل ڊولپمينٽ(http:/www.wmo.int/pages/prog/hwrp/documents/English/icwedece.html)
- جوهانسبرگ ڊڪلريشن آن سسٽينئبل ڊولپمينٽ (http:/www.un.org/esa/sustdev/documents/WSSD_POI_PD/English/POI_PD.htm)

## خاص طريقا

اقوام متحده انساني حقن جي حل لاءِ ”مخصوص طريقا“ بہ مقرر ڪيا آهن. جنڪي استعمال ڪندي فردي يا اجتمائي انساني حقن جي ماهرن جنڪي ”اسپيشل رئيپورٽيئر“ (Special Rapporteurs) سڏجي ٿو لهہ وچڙ ۾ اچي مخصوص طريقا استعمال ڪري سگهجن ٿا. اسپيشل رئيپورٽيئر پنهنجن علائقن ۾ ٿيندڙ انساني حقن جي زيادتين جي جاچ پڙتال ڪن ٿا (جنهنڪي ”فرمان“ سڏجي ٿو) جهڙوڪ: ڪاڌ خوراڪ حاصل ڪرڻ جو حق، صحت جو حق ۽ زهريلو گند ڪچرو اڇلائڻ وغيره.

اسپيشل رئيپورٽيئرن ڪي رڳو خط لکي، شايع ٿيل خبرن يا ڪنهن بہ لکيل معلومات سميت ان مسئلي لاءِ ملي سگهجي ٿو. رئيپورٽيئر اهڙا مسئلا اقوام متحده کي پنهنجين سفارشن سان پهچائين ٿا. ڪميٽين تائين پهچڻ کانپوءِ ڪيتري ڪاميابي ٿئي ٿي ان جو مدار عام طور تي رپورٽرس جي دلچسپيءَ تي ٿئي ٿو.

ورلي، رئيپورٽيئر چاهي تہ اهڙي وسنديءَ جو دورو ڪري پاڻ ڏسي سگهي ٿو تہ ميڊيا جو بہ ان پاسي ڌيان ڇڪائي ۽ برادريءَ جي ضرورتن جي تائيد بہ ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن توهان سمجهو ٿا اهڙي دوري ڪرڻ سان توهانجي انساني حقن لاءِ ڪوشش سائيان ٿي سگهي ٿي تہ توهانکي رئيپورٽيئر سان رابطو ڪري ڪيس زيادتي ٿيندڙ هنڌ جي تڪڙي دوري ڪرڻ جي دعوت ڏيڻ گهرجي.

رئيپورٽيئرن جا نالا، انهن جا اختيار، رابطي بابت معلومات اقوام متحده جي انساني حقن جي ويبسائيٽ تان ”هيومن رائيٽس باءِ اشوز“ (Human Rights by Issues) تان حاصل ڪري سگهجي ٿي.

اهڙا ٻيا علائقائي قانوني ادارا بہ هجن ٿا جهڙوڪ: ’انٽر اميريڪن رائيٽس ڪميشن‘ ۽ ’د افيريڪن ڪميشن آن هيومن ائنڊ پيپلس‘ جن وٽ پنهنجي طرز جي انساني حقن جا معاهدا ۽ طريقا موجود ٿين ٿا جيڪي ورلي، اتان جي ماڻهن ۽ برادرين جي استعمال ڪرڻ ۾ سولا ٿين ٿا.

